ٻه جاڙا ڀائر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پہ جاڙا پائر

شمس العلماءُ ميرزا قليچ بيگ

سنڌي ادبي بورڊ

جام شورو - حيدرآباد سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهريون ايڊيشن	سال ١٩٦٠ع	ڳاڻيٽو ٢٠٠٠
ٻيون ايڊيشن	سال ١٩٦٩ع	ڳاڻيٽو ٢٠٠٠
ٽيون ايڊيشن	سال ١٩٧٤ع	ڳاڻيٽو ٢٠٠٠
چوٿون ايڊيشن	سال ١٩٧٩ع	ڳاڻيٽو ٥٠٠٠
پنجون ايڊيشن	سال ١٩٩٣ع	ڳاڻيٽو ٥٠٠٠

قيمت: ٠٠-٦ رپيا
[Price Rs: 6-00]

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ بڪ اسٽال،
تلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ.

BA JARRA BHAIR: (Twin Brothers: A Story
for children in Sindhi)
Written by: Mirza Qalich Beg
Published by: Sindhi Adabi Board, P.O.Box No: 12
Jamshoro / Hyderabad Sindh, Pakistan
Ist Edition, 1960 and this 5th Edition 1993.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب پهريون

ٻہ جاڙا ڀائر

سونو پکي

ڪنهن ملڪ ۾ ٻہ ڀائر رهندا هئا. منجهانئن هڪڙو سونارو هو، اهو تمام دولتمند هو، مگر پئسو چڱي ڪم ۾ نہ آڻيندو هو، جو خراب طبعيت جو ماڻهو هو؛ ٻيو ڀاءُ تمام غريب ماڻهو هو، ليڪن چڱي طبعيت جو ۽ نيڪ نيت هو. اهو ڪجيءَ ۽ ٻين وڻن جي سنهڙين ٽارين مان، ٻهاريون جوڙي وڪڻندو هو، ۽ پنهنجو گذران ڪندو هو.

انهيءَ کي ٻہ پٽ هئا، جي ٻيئي جاڙا هئا. اهڙا هڪجهڙا هئا، جو هنن کي سڃاڻڻ مشڪل هو. اهي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي دولتمند چاچي جي گهر ٽڪر ڀور ڇڏائڻ لاءِ ويندا هئا، جو هو بکيا هوندا هئا.

هڪڙي ڏينهن اهو غريب جهنگ ۾ ٻهارين جي لاءِ ٽاريون ۽ گاهہ گڏ ڪرڻ لاءِ ويو، تہ هڪڙو سونو پکي پنهنجي ويجهو ڏٺائين. اهڙو سهڻو پکي هن عمر ۾ ڪونہ ڏٺو هو. انهيءَ کي ڪِچ تائين ڏسي ڏسي پوءِ هڪڙو ننڍو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ ڪٽي اچلائي انهيءَ کي هنيائين تہ وچي هن کي لڳو، پر اُن کي ايذاءُ ڪونہ ڏنائين. اُڏامندي اهو پکي هڪڙو سونو ڪنڀ ڪيرائي ويو، جو هن ڪٽي ورتو.

اهو سونو ڪنڀ، هو پنهنجي ڀاءُ سوناري وٽ کڻي ويو، ۽ چيائينس تہ ”ادا، سونو ڪنڀ وٺ، ۽ انهيءَ جا مون کي پئسا ڏي.“ هن اهو چتائي ڏٺو تہ برابر اهو نج سون هو، ۽ انهيءَ جو جيڪو واجبي ملهہ هو، سو ڀاءُ کي ڏنائين.

ٻئي ڏينهن انهيءَ ساڳئي غريب ڀاءُ جهنگ ۾ تاريون پٽي وڍيون تہ هڪڙي وڻ تان اهو ساڳيو سونو پکي اڏامي نڪتو. چتائي ڏسڻ سان هن انهيءَ وڻ ۾ هڪڙو آکيرو ڏٺو، جنهن ۾ هڪڙو سونو آنو پيو هو. هو اهو آنو کڻي گهر آيو ۽ شام جو اهو ٻہ کڻي پنهنجي ڀاءُ کي ڏيکاريائين، جنهن مُٺِ مُهرن جي ڏنيس، ۽ ايترو ٻہ چيائينس تہ ”خود اهو پکي هٿ اچيئي تہ اهو ٻہ مون کي آڻي ڏي.“

ڪن ڏينهن کان پوءِ، انهيءَ غريب ماڻهوءَ جهنگ ۾ اهو سونو پکي هڪڙي ٽاريءَ تي ويٺل ڏٺو. هن هڪڙو وڏو پٿر کڻي هنيس تہ هو ڪِري پيو. هو اهو کڻي ڀاءُ وٽ آيو، جنهن ٿيلهي مُهرن جي ڏنيس. ڏاڍي خوشيءَ مان هو پنهنجي گهر ويو، جو ڄاتائين تہ هاڻ آئون گهڻوئي ڪي خريد ڪري سگهندس ۽ سکيو پيو گذاريندس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سونارو ڏاڍو پڪو ماڻهو هو. تنهن سهي ڪيو ته هي ڪو رواجي پکي. نه آهي، پر گهڻي قيمت وارو آهي! هن کي خبر هئي ته جيڪو ماڻهو انهيءَ پکيءَ جي دل ۽ جيرو کائيندو ، سو ڏهاڙي صبح جو اٿڻ سان، پنهنجي وهاڻي جي هيٺان ۾ سونيون مُهرون لهندو.

تنهنڪري هن پنهنجي زال کي سڏي چيو ته ”هي پکي وڃي پچائي اچ، پر سنڀال ڪجئين ته هن مان ڪو ذرو به نڪري نه وڃي، جڏهن پچي تيار ٿئي، تڏهن مون کي آٿي ڏج ته آئون اڪيلو اهو کان، ۽ انهيءَ مهل ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ کي اچڻ متان ڏين.“ زالس اهو پکي کڻي باهه تي پچائڻ ويئي.

اهڙو اتفاق ٿيو، جو جڏهن زال باهه تي اُهو پکي ويئي پچايو ته اوچتو ڪنهن ضروري ڪم لاءِ اٿي ويئي، ته ٻئي ٻارڙا هُن ٻهاري ناهڻ واري جا ٻيئي جاڙا پٽ اتي آيا. پکي پچندو ڏسي شِيخ کي اٽلائڻ لڳا ته سڙي نه وڃي. اوچتو منجهانس ٻه ذرا ڪِري ڪيريءَ تي پيا، اهو هو کڻي کائي ويا، جو هو بکيا هئا.

سگهوئي پوءِ زال ٻه بورچيخاني ۾ آئي. هن انهن ڇوڪرن کي ڪي کائيندو ڏٺو. پڇيائين ته ”ڇا ٿا کائو؟“ هنن چيو ته ”انهيءَ پکيءَ مان ٻه ذرا ڪِري پيا، سي اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٺي ڪاڏا." زال ڏاڍي ڏني، جو ڄاڻائين تہ اهي ڏل ۾ ڄيرو هوندا، جن بابت مڙسس تاڪيد ڪيو هو. ۽ هاڻ اهو ڏاڍو ڪاوڙيو. تنهنڪريِ هن هيئنئن ڪيو، جو هڪڙو ننڍو ڪکڙ جو چوزو ڪهي، ان جي دل ۾ جيرو ڪڍي پچائي، انهيءَ پکيءَ ۾ وجهي مڙس وٽ ڪٺي آئي. مڙسس اهو سارو کائي ويو ۽ ذرو بہ نہ ڇڏيائين. ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن وهاڻي جي هيٺان هٿ گهمايائين تہ جن ٻن سونين مُهرن ملڻ جي اميد هيس، سي نہ ڏٺائين.

هنن ٻن ڇوڪرن کي تہ پنهنجي پاڳ جي خبر ڪانہ هئي، تنهنڪري هنن صبح جو اٿڻ کان پوءِ وهاڻي جي ڇڪاس ڪانہ ورتي. پر جڏهن رلي ڪنيائون، تڏهن بہ مُهرون زمين تي ڇڻڪات ڪري ڪِري پيون. اهي هو ڪٺي پيءُ ڏي پڳا، جو اهي ڏسي حيران ٿيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو بہ ٻہ پيون مُهرون لڌيون، ۽ انهيءَ کان پوءِ بہ روز بروز هنن کي ٻہ مُهرون پئي مليون. نيٺ اهو ٻهاري جوڙڻ وارو پنهنجي ڀاءُ وٽ ويو، ۽ انهيءَ کي اها ڳالهہ ڪري ٻڌايائين، تنهن کي هڪدم پڪ ٿي تہ هن سوني پکيءَ جي دل ۽ جيرو انهن ٻن ڇوڪرن کاڌو آهي.

انهيءَ ڪري هو ڏاڍو ڪاوڙيو. هو ظالم ۽ سنگدل ماڻهو هو، تنهن انهن کي سيڪت ڏيڻ جو ارادو ڪيو. هنن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيءُ کي چيائين ته ”تنهنجي پٽن جو ڪنهن ڏائڻ سان واسطو آهي، تنهنڪري انهن نياڻن کي تون گهران ڪڍي ڇڏ، ۽ انهن مُهرن کي متان هٿ لائين، نه ته ڪا مصيبت متان پوندءِ.“

پيءُ کي پٽن کان ڌار ٿيڻ ڏاڍو ڏکيو لڳو، پر ڏائڻ جي حرڪت کان ڊنو. تنهن پنهنجن ڄاڻن پٽن کي جهنگ جي وچ ۾ ڇڏي ڏنو. هن جي وئي کان پوءِ ڇوڪرا اڪيلائيءَ ۾ ڊنا، ۽ گهر موٽڻ جي ڪوشش ڪيائون، پر مورڳو ويا پري پوندا. نيٺ هڪڙو شڪار ڪندڙ ماڻهو ملين. تنهن پڇين ته ”اوهين ڪير آهيو، ۽ هھڙي ڳهاٽي جهنگ ۾ اڪيلا ڇا ٿا ڪريو؟“

هنن ورندي ڏني ته ”اسين فلاڻي غريب ڀارين جوڙيندڙ جا پٽ آهيون، پر هن اسان کي پاڻ وٽ نه رکيو، جو ڏهاڙي صبح جو اسان جي وهاڻن جي هيٺان به مهرون لينديون آهن. هن کي ڊپ ٿيو ته اسان جي ڪن ڏائڻ يا جنن ڀوتن سان واسطو آهي.“

شڪاريءَ چيو ته ”انهيءَ ۾ ڇا ٿيو؟ جي اهي پئسا سڄائي ڪم ۾ اچن ته پوءِ ڪهڙي حرڪت آهي؟ فڪر ناهي، اوهين مون سان گهر هلو. آئون اوهان جو پيءُ ٿيندس، ۽ اوهين منهنجا پٽ ٿجو.“ شڪاريءَ کي اڳيئي اولاد ڪونه

هو، تنهن جي سگهوئي هنن ٻارن سان محبت ٿي ويئي، ۽ هنن کي پنهنجو اولاد سمجهڻ لڳو.

باب ٻيون

چوڪرا دنيا جي ڪم ڪار کي لڳن ٿا

شڪاري رحمدل ماڻهو هو، ۽ هنن ڇوڪرن جي ڏاڍي سنڀال ڪيائين. هنن کي شڪار ڪرڻ ۽ بندوقون هڻڻ سيکاريائين ۽ جيڪي مهرون هنن جي وهاڻن هيٺان پيون ليٽيون هيون، سي گڏ ڪندو رکندو ويو ته هنن کي ڪم اچن.

جڏهن هو وڏا ٿيا، تڏهن هڪڙي ڏينهن هنن کي جهنگ ۾ وٺي ويو، ۽ چوڻ لڳو ته ”هنن پکين کي بندوقون هڻو ۽ نشان چٽيو!“ هنن بندوقون هنيون ته ٻيئي پکي ڪري پيا. وري ٻيا پکي ڏيکاريائين ته هنن اهي به ماريا. پوءِ چيائين ته ”هاڻ اوهين هوشيار شڪاري ٿيا آهيو. هاڻ ٻلي وچي پنهنجي منهن شڪار ڪريو.“ انهيءَ کان پوءِ هو پنهنجي منهن شڪار ڪندا رهيا.

هڪڙي ڏينهن هنن پاڻ ۾ ڪو پُور پچائي، ماني کائڻ مهل وڏي شڪاريءَ کي چيو ته ”بابا، اسان کي هڪڙو

سوال ڪرڻو آهي، تنهن جو جيسين جواب نہ ڏيندين، تيسين اسين ماني نہ کائينداسين." هن چيو تہ "ابا پڇو، جي پڏائڻ جهڙو هوندو تہ پڌائيندس." تڏهن هنن چيو تہ "اسان جي مرضي آهي تہ اسين وڃي پنهنجي منهن ڪم ڪار کي لڳون.

شڪاريءَ چين تہ "انهيءَ ڪري آئون ڏاڍو خوش ٿيندس. اوهين پلي وڃي ڪنهن ڪم ڪار کي لڳو، ۽ محنت ڪري گذران ڪريو ۽ سکيا ساوا ٿيو." تنهن کان پوءِ هنن ماني کاڌي، ۽ ڏاڍا خوش ڏسڻ ۾ آيا. جيڪي سندن مهرون گڏ ٿيون هيون، سي ٻہ، ڏنائين، ۽ موڪلائيءَ مهل هڪڙو چمڪندڙ ڦر سان چاڪون بہ ڏنائين.

هنن کي چيائين تہ "جي ڪنهن وقت جهنگ ۾ هڪبئي کان ڌار ٿيو تہ هي چاڪون ڪنهن وڻ ۾ هڻجو. پر اهڙيءَ طرح جو ڦر جا ٻيئي پاسا انهن طرفن ڏي ٿين، جن طرفن ڏي اوهين ٻيئي ويا هجو. پوءِ جي اوهان کي هڪبئي جي حال معلوم ڪرڻ جي مرضي ٿئي تہ اچي انهيءَ چاڪونءَ کي ڏسجو. جي اوهان مان ڪو مــري پوندو تہ ڦر جو اهو پاسو ڪٽجي ڪارو ٿي پوندو، پر جي اهو جيئرو هوندو تہ اهو پاسو چمڪندڙ رهندو."

پوءِ هو شڪاريءَ کان موڪلائي نڪتا، ۽ هڪڙي وڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيلي ۾ ايا. سڄو ڏينهن انهيءَ ۾ پنڌ ڪيائون، آخر رات جو اتي منزل ڪيائون، ۽ جيڪا ماني ساڻ ڪنئي هئائون، سا کاڌائون.

ٻئي ڏينهن ٻہ هو ٻيلي جي ٻي ڪنڌيءَ تائين نہ پهچي سگهيا. بک لڳين ۽ وڌيڪ ماني ساڻ ڪانہ هين، تنهنڪري ڀانئيائون تہ ڪو پکي شڪار ڪري پچائي کائون. اوچتو هڪڙي مادي سهي اچي سندن اڳيان لنگهي. هڪڙي ڀاءُ هن کي مارڻ جي لاءِ بندوق سنئين ڪئي تہ سهيءَ چيس:

بيت

”ڇڏيو مون نماڻيءَ کي تان پئي جيان،
ٻچا پنهنجا آڻي اوهان کي ڏيان.“

تنهن تي سهي هڪڙي گهاٽي ٻوڙي ۾ گهڙي ويئي ۽ ٻہ ننڍڙا سها وٺي آئي. اهي اهڙا سهڻا ۽ مزي جهڙا هئا، ۽ هيڏي هوڏي خوشيءَ مان ٽپي ٽپيا. جو هنن ٻن ڀائرن جي دل نہ چيو، تہ انهن کي ڪهي کائين. تنهنڪري اهو هنڌ ڇڏي اڳيرو هليا.

سگهوئي هڪڙي لومڙي اڳيان اچي لنگهين، ۽ انهيءَ کي بندوق هٿڻ تي هئا تہ انهيءَ بہ چيس:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت

"ڇڏيو مون نماڻيءَ ڪي تان پئي جيان،
ٻچا پنهنجا آڻي اوهان ڪي ڏيان."

هن به وچي پنهنجا به ٻچا آندا، جن ڪي پڻ هنن جي دل نہ چيو تہ ڪهن، سهن جي ٻچن سان هنن ڪي بہ گڏي ڇڏيائون.

اچا اڳيرو هليا تہ وري هڪڙو بگهڙ ملين، ۽ پوءِ رڇ ملين ۽ نيٺ هڪڙو شينهن ملين. هرهڪ جانور هنن ٻن ڀائرن کي بہ ـ بہ ٻچا ڏيندو ويو، ۽ پنهنجو ساهہ بچائيندو ويو. هنن وٽ بہ سها، بہ لومڙيون، بہ بگهڙ بہ رڇ ۽ بہ شينهن ٿيا.

پر هنن کي کاڌو نہ مليو هو، تنهنڪري ڏاڍي بک لڳين. لومڙين کي چيائون تہ "توهين چالاڪ آهيو، اسان لاءِ کاڌي جي شيءِ ڪٿي اچو" هنن چيو تہ "هتان ٿوري پنڌ تي هڪڙو ڳوٺ آهي، جتان اسان جي ماءُ گهٽائي ڪڪڙ ۽ بدڪون ڪٿي ايندي آهي. اسين توهان کي اهو ڳوٺ هلي ڏيکاريندي يونسين."

هو ٻنهي ڀائرن کي انهيءَ ڳوٺ ۾ وٺي ويون، ۽ هنن اتي کائڻ لاءِ کي ورتو، ۽ پنهنجن جانورن لاءِ بہ کاڌو ورتائون. جڏهن سيني کائي ڍؤ ڪيو، تڏهن وري اڳتي پنڌ پيا. لومڙيون انهيءَ ملڪ جون واقف هيون، جو ماءُ سان گڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳهمڻ وينديون ۽ ڪڪڙيون چورائينديون هيون، ٿن هنن کي رستو ڏيکاريو.

انهيءَ طرح هنن شڪاري چوڪرن ڪن ڏينهن تائين پنڌ پئي ڪيو، ڪوبہ اهڙو ڏنڊو نہ لڳن، جو ڪري پاڻ ۾ ڳڻ ڳڌارين. نيٺ منجهائن هڪڙي چيو تہ "بهتر آهي تہ ڌار ٿيون ۽ هرڪو پنهنجي منهن وڃي متو هٽي." تنهن تي هنن جانور ورهايا، ۽ هرهڪ کي هڪ سهو، هڪ لومڙي، هڪ ٻگهڙ، هڪ ريڇ، ۽ هڪ شينهن مليو. هنن پاڻ ۾ انجام ڪيو تہ هڪٻئي کي پيا ياد ڪندا. پوءِ چاڪون هڪڙي وڻ ۾ ڪٽي هنيائون، جنهن جي قر جو هڪڙو پاسو اپرندي ٿيو، ۽ ٻيو اُلهندي. پوءِ هڪٻئي کان موڪلائي جانور وٺي هليا ويا.

باب ٽيون

هڪڙي اڙدها سان لڙائي

سگهوئي هڪڙو ڀاءُ پنهنجن جانورن سوڌو هڪڙي وڏي شهر ۾ آيو، جتي ڏسي تہ درن ۽ درين تي ڪارا پردا ٽنگيا پيا آهن، جا ڏک ۽ ماتم جي نشاني هئي. هو هڪڙي مسافرخاني ۾ وڃي ٽڪيو، ۽ طنبيلي ۾ جانور بيهاريائين.

طنبيلي جي پٺ ۾ هڪڙو ٽُنگ هو. تنهن مان سهو لنگهي ويو، ۽ وچي هڪڙي مُوري چورائي آيو ۽ ويهي کائڻ لڳو.

لومڙي به انهيءَ ٽنگ مان لنگهي ويئي، ۽ پهرين هڪڙي ڪڪڙ چورائي آئي. اها کائي، ڊوڙ ڪري، وري وڃي هڪڙو ڪڪڙ جو ٻچو کڻي آئي. ٻگهڙ، رڇ ۽ شينهن انهيءَ ٽنگ مان لنگهي نه سگهيا. تنهنڪري انهن جي ڪاڏي لاءِ ٻه ٻڪريون ڪهٽيون پيون. جڏهن سڀ کائي پي رهيا، تڏهن شڪاري مهمانسراءِ جي نگهبان کان گهرن جي درن تي ڪارن پردن جو سبب پڇيو.

انهيءَ خبر ڏنيس، ته ”اسان جي بادشاهه کي اولاد ئي هڪڙي ڌيءَ آهي، ۽ اها شهزادي سڀاڻي مرڻي آهي!“ شڪاريءَ چيو ته ”هوءَ بيمار آهي ڇا؟“ هن چيو ته ”نه، آهي چڱي ڀلي، پر انهيءَ هوندي به مرڻي سڀاڻي آهي!“ شڪاريءَ جي وري پڇڻ تي هن هيٺين ڳالهه ڪري ٻڌايس:

”هِن شهر کان ٻاهر هڪڙو وڏو جبل آهي، جنهن تي هڪڙي وڏي اڙدها ٿي رهي. هر سال انهيءَ کي هڪڙي ڪُنئاري ڇوڪري ڏيندا آهن، نه ته جيڪر هوءَ شهر ۾ اچي، سڀ ماڻهو ناس ڪري وجهي. هيستائين شهر ۾ جيڪي اهڙيون ڇوڪريون هيون، سي سڀ کائي ڪپايون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿس. هاڻ فقط هڪڙي بادشاهه جي ڌيءَ اهي، جا سياڻي هن کي ڏيندا.“

شڪاريءَ پڇيو ته ”هن کي مارين ڇو نٿا؟“ هن ورندي ڏني ته ”گهڻئي پهلوان هن سان وڙهڻ لاءِ ويا آهن، ڇا لاءِ جو بادشاهه اهڙو انجام ڪيو آهي، ته جيڪو انهيءَ کي ماريندو، تنهن کي نه رڳو شهزاديءَ سان پرڻائيندو، پر پنهنجي مرڻ کان پوءِ انهيءَ کي پنهنجي تخت ۽ تاج جو وارث ڪندو، پر افسوس ته سڀ انهيءَ ڪوشش ۾ مارجي ويا آهن.“

شڪاري انهيءَ بابت وڌيڪ ڪين ڪڇيو، پر ٻئي ڏينهن صبح جو سوير اُٿيو ۽ پنهنجا جانور ساڻ وٺي جبل تي چڙهي ويو. جڏهن اُن جي چوٽيءَ تي آيو، تڏهن اتي هڪڙي ننڍي مڙهي ڏٺائين. اندر وڃي ڏسي ته ٿلهي تي ٽي پيالا رکيا آهن، جي پاڻيءَ جهڙي ڪنهن شيءَ سان ڀريا پيا آهن. انهن جي مٿان هي لفظ لکيا پيا آهن ته ”جيڪو هي پيالا پيئندو، سو دنيا ۾ نهايت زور وارو ماڻهو ٿيندو ۽ جيڪا ترار مڙهيءَ کان ٻاهر زمين ۾ لڳي پيئي آهي، سا ڪڍي ۽ هٿي سگهندو.“

هن هڪدم اهي پيالا نه پيتا، پر پهرين ٻاهر نڪري ترار ڏسڻ ويو، ۽ انهيءَ کي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوري بہ نہ سگهيس، تنهنڪري هو وري مڙهيءَ ۾ لنگهي ويو، ۽ وچي اهي پيالا پيتائين. پوءِ آسانيءَ سان اها ساڳي ترار کڻي هلائي سگهيو. سگهوئي بادشاهہ ۽ ٻيا شهر جا ماڻهو، اها شهزادي وٺي پيادا جبل تائين آيا. شهزاديءَ پري کان چوٽيءَ تي هن جوان شڪاريءَ کي ڏٺو، ۽ ڀانيائين تہ اها اژدها آهي، سا اڳتي نہ پيئي هلي.

پر جڏهن سيني چيس تہ جي متي نہ ويندينءَ تہ شهر جا سڀ ماڻهو مارجي ويندا، تڏهن پاڻ اڳتي هلي، بادشاهہ ۽ ٻيا امير امراءُ سڀ غمگين ٿي شهر ڏي موٽيا. فقط هڪڙي سپهہ سالار کي پٺتي ڇڏيائون، تہ پوءِ اچي ٻڌائي تہ پنيان ڇا ٿو ٿئي.

جڏهن شهزادي جبل جي چوٽيءَ تي آئي، تڏهن ڏسي تہ خوفناڪ اژدها جي بدران، هڪڙو خوبصورت جوان شڪاري بيٺو آهي. حيرت ۾ پئجي ويئي، انهيءَ چيس تہ "شهزادي، تون متان ڊني آهين. آئون انهيءَ اژدها سان وڙهندس ۽ ضرور انهيءَ کي ماريندس. تون هلي اندر مڙهيءَ ۾ ويهہ."

سگهوئي پوءِ شڪاريءَ هڪڙي وڏي گوڙ ٻڌي، جنهنڪري ڌرتي ئي ڌُٻي ويئي. ڏسي تہ هڪڙو وڏو ستن مٿن سان نانگ آهي، سو ڪاهيندو پيو اچي. جڏهن اهو

ويجهو آيو، تڏهن پڇڻ لڳو: ”تون جبل تي ڇو آيو آهين؟“ شڪاريءَ جواب ڏنس تہ ”توسان وڙهڻ لاءِ آيو آهيان.“

اژدها کلي چيس تہ ”گهڻن بهادرن ۽ پهلوانن اهڙي ڪوشش ڪئي آهي، پر پنهنجي جان وڃائي اٿن. اجهو انهيءَ دم تون بہ تو مرين.“ ايئن چئي هن پنهنجي ستن ئي واتن مان باهہ ڪڍي، جنهن آسپاس جي جهنگ کي ساڙي ڇڏيو. باهہ جي دونهين ۽ سيڪ شڪاريءَ کي بيهڻ ئي نتي ڏنو، پر هن جا جانور باهہ جي مٿان ڊوڙندا آيا.

اتي اژدها شڪاريءَ تي حملو ڪيو تہ شڪاريءَ ترار مٿي ڪئي، ۽ اهڙي هنيائينس، جو هن جون ٽي سسيون لهي پيون. اژدها پاڻ زياده ڪاوڙي، ۽ شڪاريءَ تي باهہ جا اُلا اڇلڻ لڳي. شڪاري پاسي تي ترار سان ٻيو ڌڪ هنيس، تہ ٽي ٻيون سسيون بہ وڃي پيس.

بلا مان رت وهڻ لڳو ۽ هوءَ نِستي ٿيڻ لڳي. پر هن وري بہ مٿس وار ڪيو. جيتوڻيڪ شڪاري هاڻي ٿڪجي پيو هو، تہ بہ ٻہ ڌڪ ٻيا هڻي اژدها جي سسي بہ وڍي وڌائين ۽ پڇ بہ وڍي وڌائينس. پوءِ هن پنهنجن جانورن کي ٻچيو. جن ڇِني ڦاڙي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيس.

جڏهن لڙائي پوري ٿي، تڏهن شڪاري موٽي مڙهي ۾ آيو. شهزاديءَ کي ڏٺائين تہ هيٺ زمين تي ڪِري پيئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيسين ٻاهر لڙائي پئي هلي، تيسين هوءَ ڊپ ۾ خوف کان بيهوش ٿي ويئي هئي. شڪاريءَ ڪٽي ٻاهر کليل هوا ۾ آندس ۽ گاهه تي ڪٽي رکيائينس. سگهوئي هن ساهه پٽيو ۽ اکيون کوليون. هن ٻڌايس ته اژدها مارجي ويئي ۽ ڏيکاريائينس به.

هوءَ ڏاڍي خوش ٿي ۽ هن کي چوڻ لڳي ته ”تون ڏاڍو بهادر شخص آهين، آئون تنهنجي گهڻو شڪر گذار آهيان. هاڻ آئون توسان شادي ڪنديس، جو منهنجي پيءُ بادشاهه انجام ڪيو آهي ته جيڪو انهيءَ اژدها کي ماريندو، تنهن سان مون کي پرڻائيندو.“

شهزاديءَ کي ڳچيءَ ۾ هڪڙو پنج سَرو هار پيو هو، سو لاهي انعام وانگي ورهائي، هن جي جانورن کي ڏنو. شينهن کي سوني ڏُگڏگي ڏنائين. شڪاريءَ کي کيسي مان پٽ جو رومال ڪڍي ڏنائين، جنهن تي سندس نالو پريل هو. هن وچي اژدها جون ست زبانون وڍي انهيءَ رومال ۾ ويڙهي ڪنيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب چوٿون

هڪڙو عجيب علاج

جوان شڪاريءَ شهزاديءَ کي چيو ته ”شهزادي، تون دپ کان ٿَڪي هوندينءَ، هاڻي هلي ٿورو آرام ڪر. توکي ڪوبه ايذاءُ نه پهچندو.“ هوءَ برابر ٿڪل هئي، ۽ خوشيءَ سان اتي گاهه تي ليٽي پيئي، ۽ ننڊ ڪٽي ويس.

شڪاري پاڻ به ههڙي سخت لڙائيءَ کان پوءِ ٿڪجي پيو هو، تنهن شينهن کي چيو ته ”آئون ٿورو آرام ٿو ڪريان، تون ويجهو ٿي ويهه.“ ائين چئي پاڻ به شهزاديءَ جي ويجهو گاهه تي سمهي پيو ۽ ننڊ ڪٽي ويس. شينهن پنهنجي ڌڻيءَ جي حڪم موجب سندس ويجهو ويهي رهيو، پر هو به ٿڪل هو، تنهن رڇ کي چيو ته ”مون کي ننڊ ٿي اچي، آئون ٿورو آرام ٿو ڪريان. ڪو اچي ته مون کي جاڳائج.“

تنهن تي رڇ شينهن جي ويجهو ٿي وينو. پر اهو به ٿڪل هو، تنهن وري بگهڙ کي چيو ته ”تون اچي منهنجي پاسي ۾ ويهه ته آئون ننڊ ڪري ونان جو ٿڪجي پيو آهيان.“ بگهڙ ان موجب وينو، پر هو به ٿڪجي پيو هو،

تنهن لومڙيءَ کي چيو تہ ”آئون سمهان ٿو، تون جاڳ، جي ڪو ماڻهو اچي تہ مون کي جاڳائج.“

انهيءَ طرح لومڙي بہ بگهڙ جي پاسي ۾ ويٺي، پر ٻين وانگي ٿڪل هئي ۽ ننڊ اچڻ لڳيس. تنهنڪري سهي کي چيائين تہ ”آئون ٿي سمهان، تون جاڳ، ۽ ڪو بہ اچي تہ مون کي جاڳائج.“ ان موجب سهو لومڙيءَ جي پاسي ۾ ويهي رهيو، پر اهو بہ ٿڪل هو. تنهن کي بہ ننڊ کڻي ويئي، اگرچ باقي ٻيو ڪونہ هو، جنهن کي جاڳائڻ ۽ پهري ڏيڻ لاءِ چوي.

مٿي چيو ويو آهي تہ بادشاهہ سپہ سالار کي هيٺ ڇڏي ويو هو، تہ جيڪي ٿي گذري تنهن جي هن کي خبر ڏئي. تنهن جڏهن ڏٺو تہ اژدها شهزاديءَ کي کڻي ڪين ويئي ۽ مٿي جبل جي چوٽيءَ تي ماٺ لڳي پيئي آهي، تڏهن دپ ڇڏي همت ڪري سماءُ رکڻ لاءِ مٿي ويو.

ڏسي تہ شهزادي ۽ هڪڙو جوان شڪاري ۽ ٻيا جانور ستا پيا آهن ۽ انهن جي ويجهو اژدها مئي پيئي آهي. هڪدم سهي ڪيائين تہ انهيءَ جوان اها پربت بلا ماري هوندي! اهو سپہ سالار خراب ماڻهو هو، تنهن کي اها لالچ ٿي تہ آئون شهزاديءَ سان شادي ڪريان، تنهن هيئن ڪيو جو ترار کڻي انهيءَ جوان شڪاريءَ جي سِسي لاهي ڇڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ ستل شهزاديءَ کي آرام سان ياڪر ۾ ڪٽي جبل تان هيٺ لهي آيو. اتي هوءَ اوچتو جاڳي پيئي ۽ دانهون ڪرڻ لڳي، سپہ سالار چيس تہ ”تون هاڻ منهنجي وس ۾ آهين. سيڪنهن کي چؤ تہ مون اها اژدها ماري آهي.“ شهزاديءَ چيو تہ ”آئون ائين ڪين ڪنديس. انهيءَ جوان شڪاريءَ ۽ سندس جانورن هن کي ماريو ۽ مون کي بچايو آهي. مون پنهنجن اکين سان ڏٺو.“ پر بدمعاش سپہ سالار ترار ڪڍي هن کي مارڻ جو دڙڪو ڏنو، تنهنڪري هن لاچار ائين چوڻ جو انجام ڪيو.

پوءِ سپہ سالار هن کي محلات ڏي وٺي ويو. بادشاهہ پنهنجي ڌيءُ کي صحيح سلامت ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. سپہ سالار ٻڌايس تہ ”انهيءَ بلا کي ماري شهزاديءَ کي مون بچايو آهي، تنهنڪري هاڻ انجام موجب حضور انهيءَ جي مون سان شادي ڪرائي.“ بادشاهہ انهيءَ بابت ڌيءَ کان پڇيو. انهيءَ چيس تہ ”شايد ائين هوندو، پر هڪڙي سال ۽ هڪڙي ڏينهن تائين آئون شادي ڪرڻ نہ ڏينديس.“ دل ۾ خيال ڪيائين تہ شايد انهيءَ وچ ۾ هن جوان شڪاريءَ جو ڪو پتو پئجي وڃي.

هوڏي هو سڀ جانور پنهنجي مئل ڌڻيءَ جي پاسي ۾ ستا پيا هئا. نيٺ هڪڙي وڏي ماکيءَ جي مک اچي سهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي نڪ تي ويني، ۽ چُرڻ پُرڻ لڳي، پر سهو انهيءَ کي هڪلي وري سمهي پيو. تڏهن مک نڪ تي ڏنگ هنيس. جنهن تي سهو جاڳيو ۽ نڪ مَلڻ لڳو. پوءِ لومڙيءَ کي جاڳايائين، جنهن وري بگهڙ کي جاڳايو، ۽ بگهڙ واري سان رڇ کي، ۽ رڇ شينهن کي جاڳايو.

شينهن اٿڻ سان ڏسي ته سندس ڏٽي مئو پيو آهي، ۽ شهزادي آهي ئي ڪانه! رڇ کان پڇڻ ۽ انهيءَ کي عتاب ڏيڻ لڳو، رڇ بگهڙ کي عتاب ڏنو، ۽ بگهڙ لومڙيءَ تي ڪاوڙيو، ۽ لومڙي سهي تي. ويچاري سهي کي پيو ڪونه تي سجهيو جنهن تي بار وجهي. ڏاڍو ڊنو. هنن کي چيائين ته "اوهين مون کي جيئدان ڏيو ته آئون پنهنجي ڏٽيءَ کي وري جيئرو ڪريان. مون کي جهنگ ۾ هڪڙي بوٽيءَ جي پاڙ سُجهي ٿي، جا جيڪڏهن ڦٽ کي لائبي ته اهو ڇُٽي ويندو ۽ سيڪا بيماري لهي ويندي، پر اها هتان ٻه سؤ ميل پري هڪڙي جبل تي آهي!"

شينهن چيو ته "هڪدم وڃي اها کڻي آءُ.انهيءَ لاءِ توکي چوويهن ڪلاڪن جي مهلت ٿي ڏجي. وڌيڪ هڪڙو لحظو به مهلت نه ڏبي." ان موجب سهو ڊوڙندو ويو، ۽ چوويهن ڪلاڪن کان به گهٽ عرصي ۾ اها پاڙ کڻي موٽي آيو. هڪدم شينهن سِسي کڻي شڪاريءَ جي ڳچيءَ

تي رکي، ۽ سهي اها پاڙ کڻي انهيءَ جي وات ۾ وڌي ته جهٽ دل هلڻ لڳي، ۽ شڪاري جيئرو ٿي اٿي ويهي رهيو.

جڏهن شڪاري جاڳيو، تڏهن شهزادي نه ڏسي ڏجي ويو. ٻانئيائين ته پاڻ اڳي جاڳي، ۽ مون کي ستل ڏسي هلي ويئي آهي، ۽ هاڻ مون کان عمر جي لاءِ ويئي! شايد آئون هن کي نٿي وڻيس، تنهنڪري ائين ڪيائين. اهي خيال پچائي هو ڏاڍو غمگين ٿيو.

اتفاق هيئن ٿيو ته شينهن ٽڪر پڪڙ ۾ شڪاريءَ جي سِسي اُٻتي کڻي ڳچيءَ تي رکي هئي، جنهنڪري منهن ٿيس پٺيءَ ڏي. شڪاريءَ کي ته ٻهرين ڳٽين جي ڪري اهو سماءُ ڪونه پيو، جڏهن ڪي ڪائڻ لڳو، تڏهن اها ڳالهه ڌيان تي آيس، ۽ سمجهي نه سگهيو ته وات پٺيءَ ڏانهن ڪيئن ٿيو! تنهنڪري پنهنجن جانورن کان انهيءَ جو سبب پڇيائين.

شينهن سڄي ڳالهه ڪري ٻُڌايس ۽ چيائين ته "اسان کي ڏاڍو ارمان آهي ته جو اسان سِيني کي نند کڻي ويئي، پر هاڻي حرڪت ڪانهي، انهيءَ جو اسين علاج ڪري سگهنداسين." ائين چئي هن ترار کڻي شڪاريءَ جي سِسي وري پيو پيرو لاهي، سندس ڳچيءَ تي سنئين ڪري رکي، ۽ سهي عجيب پاڙ لائي زخم چٽايو. پوءِ هو پنهنجي سفر تي هليا.

باب پنجون

شڪاري موٽي اچي ٿو

هڪڙي سال جي سفر کان پوءِ شڪاري موٽي ساڳئي انهيءَ شهر ۾ آيو، جنهن ۾ شهزاديءَ کي اژدها کان بچايو هئائين. هن پيري ماتم جي ڪارن پردن جي بدران سيني گهرن ۽ دڪانن تي ڳاڙها خوشيءَ جا پردا ۽ ڪپڙا ٽنگيل هئا. مهمانسراءِ جي نگهبان کان انهيءَ جو سبب پڇيائين.

انهيءَ چيس ته ”پر سال اسان جي بادشاهه جي ڌيءَ اژدها کي ڏيٺي هئي ۽ اُها مرڻي هئي، پر سپه سالار اژدها سان وڙهي اُن کي ماريو هو، ۽ شهزاديءَ جي جان بچائي هئائين، تنهنڪري هاڻي ساڻس هن جي شادي ٿيڻي آهي.“ ٻئي ڏينهن شڪاري نگهبان کي چيو ته ”جي انصاف مجين ته اچ بادشاهه جو طعام هتي ٿو گهرايان ۽ پاڻ سيئي گڏجي ويهي ٿا کائون!“

هن چيو ته ”ائين ڀلا ڪيئن ٿيندو؟“ شڪاريءَ چيو ته ”چڱو، هاڻ ڏس.“ پوءِ پنهنجي سهي کي سڏي چيائين ته ”بابا وڃ، وڃي محلات مان بادشاهه جي کائڻ واري مانيءَ مان ڪي ڪٽي اچ.“ سهو حڪم جي پنيان نڪتو سَهي،

پرڏاڍو ڊپ ٿيس. محلات جي در وٽ هڪڙو ڪتو ڀنيانس کاڌي پيو، تنهنڪري هو ڊوڙي سامهون چوڪيدار جي گهر ۾ گهڙي ويو، ۽ چوڪيدار ڪتي کي هڪالي ڪڍيو.

پوءِ وجهہ ڏسي لِڪي سهو محلات ۾ گهڙي ويو ۽ جتي شهزادي وينئي هئي، اتي سندس ڪرسيءَ جي هيٺان لڪي ويهي رهيو، ۽ آهستو هن جو پير نُنهن سان کرڙڻ لڳو. شهزاديءَ ڀانئيو تہ ڪا ٻلي آهي، پر هيٺ جهاتي ڏسي تہ سهو آهي، ۽ انهيءَ جي ڳچيءَ ۾ جيڪا سندس هار جي هڪڙي سَرَ پئي هئي، تنهن تي سڃاتائينس.

هٿن ۾ کڻي چيائينس تہ "منهنجا پيارا سها، تون هتي ڪيئن آئين؟" هن چيو تہ "منهنجو ڌڻي، جنهن اڙدها کي ماريو، سو هن شهر ۾ آيو آهي، ۽ اهو بادشاهہ جي ڪاڻ واري مانيءَ مان ڪي گهري ٿو." شهزادي، جنهن سارو سال انهيءَ جوان شڪاريءَ جي سڪ ۽ انتظار ۾ گذاريو هو، ۽ ڄاتائين ٿي تہ گم ٿي ويو آهي، سا هن جي اچڻ جو ٻڌي ڏاڍي خوش ٿي.

بورچيءَ کان ماني وٺي سهي کي ڏنائين. پر سهي چيس تہ "مون کي رستي ۾ ڪتا هلاڪ ڪندا، تون ڀلائي ڪري بورچيءَ کي چئو تہ مهمانسراءِ تائين مون سان گڏجي هلي. شهزاديءَ بورچيءَ کي حڪم ڏنو ۽ اهو ماني کڻي سهي

سان گڏجي هليو. در تان سهو اها ماني کٽي پنهنجي ڏٽيءَ وٽ آيو، جنهن اها مهمانسراءِ جي نگهبان کي ڏيکاري ۽ هو حيرت ۾ پئجي ويو!

شڪاريءَ وري لومڙيءَ کي چيو تہ "هاڻ تون وڃي بادشاهہ جي کائڻ واري ڪباب مان ذرو کڻي آءُ". لومڙي بہ سهي وانگر ويئي، ۽ شهزاديءَ جي ڪرسيءَ هيٺان لڪي ويئي، جنهن پتو ڏسي سجاتس ۽ بورچيءَ جي هٿان ڪباب کڻائي موڪليو. لومڙي اهو کڻي پنهنجي ڏٽيءَ تائين نيو ۽ هن نگهبان کي ڏيکاريو، جو وري بہ حيران ٿي ويو.

انهيءَ طرح شڪاريءَ وري بگهڙ موڪلي پاڇيءَ ذرو گهرايو. وري رڇ کي موڪلي حلوو گهرايو. ۽ پڇاڙيءَ ۾ شينهن کي موڪلي بادشاهہ جي پيئڻ واري شراب مان ٿورو گهرايو. جڏهن بادشاهي ڪاڏو اچي گڏ ٿيو، تڏهن سيني ويهي گڏجي کاڌو. انهيءَ طرح شهزادي بہ انهن جانورن کي ڏسي ۽ سڃاڻي خوش ٿي ۽ شڪاري بہ خوش ٿيو، جو ڄاڻائين تہ شهزادي کي سندس اچڻ جي خبر پيئي آهي ۽ اڃا هن جي ساڻس محبت قائم آهي.

باب ڇهون

محلات ۾

جڏهن سيني ماني کائي بس ڪئي، تڏهن شڪاريءَ مهمانسراءِ جي نگهبان کي چيو ته ”هاڻ مون بادشاهه جي ماني کاڌي آهي، هاڻ سندس محلات ۾ ويندس ۽ سنديس ڌيءُ سان شادي ڪندس.“ هن چيو ته ”اهو ڪيئن ٿي سگهندو؟ اڳيئي سپه سالار سان شاديءَ جو بندوبست ٿي ويو آهي، جنهن اژدها کي ماريو آهي.“ شڪاريءَ چيو ته مون وٽ ڪا شيءِ آهي، جا مون کي مدد ڪندي.“ ائين چئي اژدها جون ست زبانون، جي شهزاديءَ جي رومال ۾ ويڙهي رکيون هئائين، سي ڪڍي ڏيکاريائينس ۽ چيائينس ته ”اژدها کي مون ماريو هو.“

مهمانسراءِ واري چيو ته ”تو ڪي ڏاڍا عجيب ڪم ڪيا آهن، پر مون کي ڊپ آهي ته تنهنجي فتحيابيءَ جو وقت لنگهي ويو آهي!“ شڪاريءَ چيو ته ”هاڻ ويهي تماشو ڏس.“ انهيءَ ڏينهن بادشاهه مانيءَ مهل پنهنجي ڌيءُ کان پڇيو ته ”اڄ صبح کان وٺي تنهنجي جاءِ ۾ ڪي جانور پئي آيا آهن، تنهن جو مطلب ڇا آهي؟“ هن چيو ته ”بابا سائين،

في الحال آئون پيو ڪين ٿي چوان، اوهين خود انهن جانورن جـــي مـــالڪ کي گهرايو ته اهو اوهان کي ساري خبر ڏئي."

تڏهن بادشاهه ماڻهو موڪلي شڪاريءَ کي گهرايو. شڪاريءَ مهمانسراءِ واري کي چيو ته "ميان، ڏنئہ". بادشاهه پاڻ ئي مون کي پنهنجي محلات ۾ گهرايو آهي. "بادشاهه جي نوڪر کي چيائين ته "بادشاهه سلامت کي وڃي چئو ته آئون ائين ڪين ايندس. مون ڏي ڇهن گهوڙن واري گاڏي موڪل ته انهيءَ تي چڙهي اچان."

نوڪر اهو پيغام وٺي ويو. بادشاهه ڏيءُ سان صلاح ڪري پنهنجي گاڏي نوڪرن سميت هن ڏي موڪلي ڏني. مهمانسراءِ جو نگهبان اهو ڏسي حيران ٿي ويو. شڪاري گاڏيءَ ۾ چڙهي وينو ۽ اچي محلات ۾ لٿو. بادشاهه هن کي گڏيو ۽ کيس سندس جانورن سميت اندر وٺي ويو. شڪاري شهزاديءَ جو هٿ چمي ادب سان پاسي تي ويهي رهيو. ٻئي پاسي کان سپه سالار اچي وينو، پر شڪاريءَ کي سڃاتائين ڪين ٿي.

بادشاهه اژدها جون ست سسيون گهرائي حاضر ماڻهن کي ڏيکاريون ۽ چوڻ لڳو ته "هي انهيءَ اژدها جون سسيون آهن، جنهن پر سال هن شهر ۾ قرقوت ڪٽي وڌي هئي، ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنھن کي نيت اسان جي بهادر سپه سالار ماريو ۽ انهيءَ جي انعام ۾ اڄ هن جي منهنجي ڌيءُ سان شادي ٿيڻي آهي." تنهن تي شڪاريءَ اُٿي ستن ئي سسين جا وات ڦاڙي پڇيو ته "سو ته چڱو سائين، پر هنن جون زبانون ڪٿي آهن؟" سپه سالار دپ ۽ شرمندگيءَ ۾ اچو ٿي ويو.

شڪاريءَ چيو ته "جيڪي ڪوڙ ڳالهائيندا، تن جي زبان نه هلندي. جنهن وٽ اژدها جون زبانون هونديون، سوئي اُن جو سچو ماريندڙ آهي. اجهي اُهي زبانون مون وٽ آهن." ائين چئي ست ئي زبانون، جي وٽس رومال ۾ ويڙهيل هيون، سي ڪڍي ٻاهر ڪيائين، ۽ هرهڪ سسيءَ ۾ رکي ويو، ۽ اُهي انهن جي وڍيل زبانن سان ملي آيون.

پوءِ شهزاديءَ ڏي منهن ڪري، اُهو رومال جنهن تي سندس نالو پريل هو، سو ڏيکاريائينس ۽ پڇيائينس ته هي ڪنهن جو آهي؟ شهزاديءَ ورندي ڏني، ته "هي منهنجو آهي. اهو مون توکي انهيءَ ڏينهن ڏنو هو، جنهن ڏينهن تو انهيءَ اژدها کي ماريو هو." شڪاريءَ وري پنهنجن جانورن جي ڳچين مان پنج ئي سَرون ۽ سوني ڏُگدگي شينهن جي ڳچيءَ مان لاهي، گڏي پڇيو، ته "هي هار ڪنهن جو آهي؟" شهزاديءَ وري به چيو ته "اهو به منهنجو آهي، جو مون انهيءَ ڏينهن جانورن کي انعام ۾ ورهائي ڏنو هو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بادشاهہ حيران ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ ”آئون تہ هيءُ پرولي سمجهي نٿو سگهان. هي ڪا عجيب ڳالهہ آهي. هن جو مطلب ڇا آهي؟“ تڏهن شڪاري ۽ شهزاديءَ ٻنهي ساري ڳالهہ بادشاهہ کي ڪري ٻڌائي. بادشاهہ ڏاڍو ڪاوڙيو. سپہ سالار کي هڪدم مارائي ڇڏيائين، پوءِ اهو شڪاري شهزاديءَ سان شادي ڪري شهزادو ۽ ولي عهد ٿي وينو. هن ماڻهو موڪلي پنهنجي غريب پيءُ ٻهارين جوڙڻ واري کي، توڙي پنهنجي شڪاريءَ پيءُ ۽ پنهنجي ماءُ کي گهرائي ورتو، ۽ انهن کي ايترو مال ڏنائين، جو هو عمر لاءِ سکيا گذاريندا هئا.

باب ستون

ڀيئي ياڻر وري ملن تا

اسان جو جوان شهزادو اجا بہ شڪار جو ڏاڍو شوقين هو، اڪثر هرڻن جي شڪار تي ويندو هو. هميشه ياڻ سان پنهنجا نوڪر وفادار ونيو ويندو هو. هڪڙي ڏينهن پري کان هڪڙو اڇو هرڻ ڏٺائين. پنهنجن ماڻهن کي چيائين تہ ”اوهين سڀ هت بيهو. متان اهو هرڻ ڀڄي وڃي. آئون اڪيلو هن جي پنيان ٿو وڃان.“ ائين چئي هو پنهنجا

جانور وٺي جهنگ ڏي ويو.

نوڪر شام تائين اتي ترسيا، پوءِ محلات ڏي هليا آيا. شهزاديءَ کي پنهنجي مڙس جي نه اچڻ ڪري ڏاڍو انتظار ٿيو. خاص ڪري جڏهن پيو ڏينهن به ائين ئي گذري ويو. هوڏي شهزادو هرڻ جي پنيان ڪاهيندو ويو، ۽ وقت ۽ هنڌ جو ڪوبه سماءُ ڪونه ٿي پيس. جڏهن بندوق جي ڏڪ جيترو وچي ويجهو پيس، تڏهن اهو هرڻ اوچتو نظر مان نڪري ويس اتي اڪ پٽيس ۽ ڏنائين ته پري اچي پيو آهيان، ۽ محلات ۾ پهچي نه سگهندس. تڏهن گهوڙي تان لهي رات جهنگ ۾ رهڻ جو سعيو ڪيائين، ۽ ڪانيون گڏ ڪري باهه ٻاريائين. باهه تي وينو هو ته مٿان وڻ تان هڪڙيءَ زال جو آواز ٻڌائين: ته ”آئون سيءَ ٿي مران، آئون سيءَ ٿي مران.“ شهزادو مٿي نهاري ته هڪڙي ڪراڙي زال وڻ جي ٽارين ۾ ويٺي آهي. انهيءَ کي چيائين ته ”جي سيءَ ٿي مرين، ته هيٺ لهي اچي باهه تي ڪوسي ٿيءُ.“

زال ورندي ڏني ته ”نه، آئون تنهنجن جانورن کان ڊڄان ٿي.“ شهزادي خاطري ڏنيس ته ”هو توکي نه چوندا.“ پر هن چيو ته ”مون کي هنن تي ڀروسو نٿو اچي. آئون هڪڙي ٽارڙي هيٺ ڪيرايان ٿي، تنهن سان تون هنن جي پٺي ٺپر. پوءِ هو مون کي ايذاءُ نه پهچائيندا.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهزادي کي اها خبر نہ هئي تہ اها ڪراڙي زال ڪا ڏائڻ آهي. جيئن هن چيس، تيئن ڪيائين. هڪدم سڀ جانور بدلجي پهڻ ٿي پيا. پوءِ ڏائڻ وڻ تان لهي هيٺ ٿي، ۽ اها ساڳي ٽارڙي ڪٽي شهزادي جي انهيءَ سان پٺي نپريائين، تہ هو بہ ڦري پهڻ ٿي پيو. تڏهن ڏائڻ خوشيءَ مان بيهي نچڻ ۽ ٽپڻ لڳي. پوءِ اهي سڀ پهڻ ڳِهلي هڪڙيءَ کڏ ۾ اڇلائي ڇڏيائين، جتي پيا بہ گهڻا پهڻ پيا هئا.

جڏهن شهزادو محلات ڏي نہ موٽيو، تڏهن شهزادي ڏادي بي آرام ٿيڻ لڳي. هاڻي اهڙو اتفاق ٿيو، جو ان وقت هو بيو ڀاءُ بہ انهيءَ ملڪ ۾ اچي نڪتو. سارو جهان پنهنجن جانورن سميت لتاڙي هاڻ وري بہ انهيءَ ساڳئي هنڌ آيو، جتان هو هڪبئي کان جدا ٿيا هئا. جڏهن انهيءَ وڻ وٽ آيو، جنهن ۾ چاڪون هٽي ڇڏيو هئائون، تڏهن ڏسي تہ سندس ڀاءُ جي طرف وارو ڦر جو پاسو، ڪٽيو پيو آهي ۽ بيو پاسو پيو چمڪي.

تڏهن پڪ ٿيس تہ هن سان خير ڪونهي. ارادو ڪيائين تہ هن کي ڳولي لهي، من ڪا مدد ڏئي سگهيس. انهيءَ خيال سان هو پنهنجا جانور وٺي گهمندو انهيءَ شهر ۾ آيو، جنهن ۾ سندس ڀاءُ جي زال، بادشاهہ جي ڌيءُ هئي. جڏهن اهو جوان شڪاري محلات جي ڏر وٽ آيو، تڏهن

درٻان سمجهيو اهو شهزادو آهي، سو اٿي تعظيم ڪيائينس، ۽ ٻڌايائينس تہ ٻہ ڏينهن سندس غير حاضر هئڻ ڪري شهزادي بي آرام پئي رهي آهي.

شڪاريءَ هڪدم سهي ڪيو تہ پاڻ سان همشڪل هئڻ ڪري، توڙي ساڳين جانورن جي هئڻ ڪري، درٻار توڙي ٻين نوڪرن ڀُل ۾ کيس شهزادو سمجهيو آهي. ارادو ڪيائين تہ ڀلي هو انهيءَ ڀل ۾ هجن، تہ من پنهنجي پاڻ جو زياده سماءُ لهي سگهي، پر جي هن جي بچائڻ جي ڪا اميد هجي تہ هن کي بچائي. اهو پڪ پچائي هو ماڻ ڪري محلات ۾ لنگهي ويو. شهزادي بہ هن کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي، جو ڄاتائين تہ سندس مڙس آهي. پڇڻ لڳيس تہ "هي ٻہ ڏينهن ڪٿي هئو؟" هن ورندي ڏني تہ "جهنگ ۾ شڪار جي پٺيان پري وڃي نڪتس، ۽ رستو وڃائي ويهي رهيو هوس."

ٻن - ٽن ڏينهن جي اندر پاڻس جو سمورو حال کيس معلوم ٿي ويو: تنهنڪري هن ارادو ڪيو تہ وڃي جهنگن ۽ ٻيلن ۾ هن جي پڇا ڪري. شهزاديءَ توڙي بادشاھ گهڻو ئي روڪيس، پر هو نہ رهيو. چوڻ لڳو تہ "منهنجي دل شڪار کان سواءِ نٿي رهي." انهيءَ طرح هو پنهنجا جانور ساڻ ڪري نڪري ويو. جهنگ گهمندي هن پاڻ وانگي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳيو اڇو هرڻ ڏٺو، ۽ انهيءَ جي پنيان ڪاهيائين، پر جڏهن رات پيئي، تڏهن وڻ جي هينان ٻاهه ٻاري ويهي رهيو.

هن ٻه انهيءَ ڪُراڙي زال جي دانهن ٻڌي، ته "سيءَ ٿي مران." شڪاريءَ چيس، ته "جي سيءُ ٿي مــرين ته لهي اچي ڪوسي ٿيءُ." زال چيس ته "جانورن جي ڊپ کان هيٺ نٿي لهان." هيءَ ٺاري انهن تي گهماءِ." شڪاريءَ کي هن جي ڳالهين تي شڪ پوڻ لڳو. ڪاوڙجي چيائينس ته "نه، آئون ائين ڪين ڪندس. تون هڪدم لهي اچ، نه ته آئون بندوق هٽي اِتي ئي ماري ٿو وجهان ءِ." تنهن تي ڏائڻ ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳي. چيائينس ته "جيڪي وڻئي، سو ڪر، تون مون کي ڪو به ايذاءُ رسائي نه سگهندين."

هي ٻڌي شڪاريءَ مٿس بندوق سنئين ڪئي ۽ اها ڇوڙيائين، پر گوليءَ سانڊائڻ کي ڪوبه ايذاءُ نه رسيو. پاڻ وڏا ٺهڪ ڏيئي شڪاريءَ تي کلڻ لڳي. پر شڪاريءَ کي خبر هئي ته جهنگ ۾ ڏائٽيون ملن ته انهن سان ڪهڙي هلت ڪجي. تنهن هيئن ڪيو، جو پنهنجي ڪوٽ مان چانديءَ جا ٻٽڻ چني، اهي گولين جي بدران بندوق ۾ وجهي، بندوق پري ڇوڙيائين ته هوءَ رڙ ڪري هيٺ ڪِري پيئي.

شڪاريءَ ڪٽي هن جي ڳچيءَ تي لت ڏني، ۽ چوڻ

لڳس تہ ”ڪُراڙي ڏائڻ، هاڻ مون کي هڪدم ٻڌاءِ تہ منهنجو ڀاءُ ڪٿي آهي، نہ تہ توکي باهہ ۾ اڇلايو ٿو وجهان.“ ڏائڻ ڏني ۽ چيائينس تہ ”مُون هن کي سندس جانورن سميت ڦيرائي، پهڻ ڪري ڇڏيو آهي، ۽ هڪڙيءَ کڏ ۾ پيا آهن.“ تنهن تي هُن چيس تہ ”ڪمبخت رن، انهن سڀني کي وري پنهنجي اصلوڪي صورت ۾ آڻ، نہ تہ اجها ٿي باهہ ۾ پوين.“

انهيءَ تي لاچار ڏائڻ هڪڙي ٿارڙي ڪٽي هلي انهن تي گهمائي، تہ نہ فقط هن جو ڀاءُ شهزادو ۽ سندس جانور اٿي ڪڙا ٿيا، پر ٻيا بہ پهڻ جيڪي ان کڏ ۾ پيا هئا، سي ماڻهو ٿي اٿيا. ڪي ڏنار، ڪي شڪاري، ڪي واٽهڙو ۽ واپاري. ٻيئي ڀائر هڪٻئي کي ڏسي، ڏاڍا خوش ٿيا ۽ هڪٻئي کي پيار مان ڀاڪر پائي گڏيا. پوءِ هنن ٻنهي گڏجي انهيءَ ڏائڻ کي ٻڌي، ڪٽي باهہ ۾ وڌو، جتي هوءَ سڙي مري ويئي.

هن جي مرڻ شرط اهو سارو ٻيلو ۽ جهنگ گم ٿي ويو، ۽ چوڌاري يڪو ميدان ٿي پيو. پري کان بادشاهہ جي محلات پئي ڏسڻ ۾ آئي. هو ٻيئي پنهنجا جانور وٺي انهيءَ پاسي هليا. رستي ۾ شهزادي پنهنجي ڀاءُ کي چيو، تہ ادا، پاڻ ٻنهي کي چڱا ڪپڙا پيا آهن، ۽ اسان مان هرهڪ کي پنج هڪجهڙا جانور آهن. هاڻ هيئن ٿا ڪريون، تہ آئون

محلات ۾ هڪڙي پاسي ڪان ٿو وڃان، تون ٻئي پاسي ڪان وڃ. ڏسون تہ شهزادي پنهنجو مڙس سڃاڻي سگهي ٿي يا نہ؟"

ان موجب هو ڏار ٿي محلات ۾ ويا. ٻنهي دروازن جي نگهبانن بادشاهہ ۽ شهزاديءَ کي اچي ٻڌايو، تہ شهزادو پنهنجن جانورن سميت هِن پاسي کان شڪار تان موٽيو ٿو اچي. بادشاهہ دربان کي چيو تہ هيءَ ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ اوهان ٻنهي مان هڪڙو پلجي ٿو يا ڪوڙ ٿو ڳالهائي، ڇالاءِ جو ٻيئي در هڪ ٻئي کان پري آهن." اجا دربان اتي ئي بيٺا هئا، تہ ٻيئي جوان گڏ جاءِ ۾ اندر لنگهي آيا، ۽ اچي بادشاهہ ۽ شهزاديءَ جي اڳيان بيٺا.

بادشاهہ بلڪل منجهي پيو. شهزاديءَ کي چيائين تہ "ابا، هنن ٻنهي مان ڪو سڃاڻي سگهين ٿي تہ تنهنجو مڙس ڪهڙو آهي؟" هنن ٻنهي جا مهانڊا اهڙا تہ هڪجهڙا آهن، جو آئون تہ سڃاڻي نٿو سگهان!" تڏهن شهزاديءَ کي اوچتو پنهنجو هار ياد پيو، ۽ هڪڙي شينهن جي ڳچيءَ ۾ هار واري سوني دُگدگي ڏسي چوڻ لڳي، تہ "جنهن سان اهو شينهن آهي، سو منهنجو مڙس آهي."

تنهن تي شهزادي کلي ڏنو. چوڻ لڳو تہ "تون سچي آهين." پوءِ سيئي ويهي رهيا ۽ ٻنهي ڀائرن بادشاهہ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي تي گذريو، سو سڀ بيان ڪري ٻڌايو. هو ڏاڍو خوش ٿيا ۽ اها رات هنن نهايت خوشيءَ ۾ گذاري. شهزادو به پنهنجي ياءُ جي محبت ۽ هوشياريءَ تي فخر ڪرڻ لڳو، ۽ هميشه هن جو احسانمند رهندو آيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاڪ ۽ ٻيڻ

باب ٻھريون

<u>ٻه ٻار</u>

گهڻا ورهيه ٿيا ته ڪنهن هنڌ ننڍڙا ٻه ٻاڪ - ٻيڻ رهندا هئا، جن جو هڪٻئي سان گهڻو پيار هوندو هو. هنن جي ماءُ مري ويئي هئي، تنهنڪري هنن کي انهيءَ جو گهڻو ڏک رهندو هو.

هڪڙي ڏينهن ڇوڪر پنهنجي ڀيڻ جو هٿ وٺي چيو ته ”ادي، امان جي مرڻ کان پوءِ اسان هڪڙو ڏينهن به سکيو نه گذاريو آهي! سُڪل مانيءَ جو ٽڪر کاڌي لاءِ ٿو مليئون. ڪتو به اسان کان سکيو پيو گذاري. اَمان ويچاري اسان جو هھڙو حال ڏسي ته جيڪر ڏاڍو ارمان ٿئيس. هاڻ بھتر آهي ته هتان نڪري ڪنهن پاسي هليا هلون. هن کان وڌيڪ اسان جو خراب حال پيو ڪين ٿيندو.“

انهيءَ طرح هو نڪري ٻيا ۽ هٿ هٿ ۾ ڏيو، پنڌ ڪندا هليا ويا. سڄ لٿي ڏاري هو هڪڙي وڏي ٻيلي ۾ اچي پهتا. پنڌ ڪري ٿڪجي پيا هئا، تنهنڪري هڪڙي پوري وڻ ۾

لڪي وڃي سمهي پيا. ٻئي ڏينهن صبح جو اتي پاڻي ڳولڻ لڳا. چوڪر چيو ته "مون کي ڏاڍي اڃ لڳي آهي، ڪو چشمو يا نهر ڏسون ته پاڻي پيون."

سگھوئي هڪڙي وهندڙ پاڻيءَ جو آواز هنن جي ڪن تي پيو. ڀيڻ جو هٿ وٺي انهيءَ پاسي ڊوڙيو. شروع کان وٺي هڪڙي ڏائڻ هنن جي پٺيان هئي. پنهنجي جادوءَ جي زور سان هن ٻيلا، چشما ۽ نهرون ٺاهي ڇڏيون هيون، جيئن اڪثر ڏائڻيون ڪنديون آهن.

هو ٻيئي ٻار آواز تي هلي اچي هڪڙيءَ نهر يا ننڍڙي نديءَ جي ڪناري تي ويٺا. اڃا چوڪر نِوڙي انهيءَ مان پاڻي پيئڻ تي هو ته سندس ڀيڻ ٻُڌو ته انهيءَ نديءَ مان هي لفظ ڇنا نڪتا ته "جيڪو مون مان پاڻي پيئندو، سو شينهن ٿي پوندو." تنهنڪري هن رڙ ڪري ڀاءُ کي چيو ته "ادا، متان اهو پاڻي پيتو اٿيئي، نه ته شينهن ٿي پوندين، ۽ پوءِ مون کي ڦاڙي ماري ڇڏيندين." تنهنڪري چوڪر پاڻي نه پيتو، اگرچ ڏاڍي اُڃ هيس.

اڳيرو هليا ته هڪڙو چشمو ڏٺائون، پر چوڪريءَ کي انهيءَ مان وري هي آواز ٻڌڻ ۾ آيو ته "جيڪو مون مان پاڻي پيئندو، سو بگھڙ ٿي پوندو." تڏهن رڙ ڪري ڀاءُ کي چيائين ته ادا، متان انهيءَ چشمي مان پاڻي پيتو اٿيئي، نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ تون بگهڙ ٿي پوندين ۽ مون کيٖ کائي ڇڏيندين.“ تنهنڪري هن وري بہ پاڻي نہ پيتو، ۽ اڃيو رهجي ويو.

ٿوري دير کان پوءِ هو وري هڪڙي ٻيءَ نديءَ تي آيا، جنهن جو پاڻي بلڪل صاف هو. ڇوڪر وري انهيءَ تي پاڻي پيئڻ وينو. هن پاڻي پئي پيتو تہ ڇوڪريءَ ٻڌو تہ نديءَ مان آواز آيو تہ جيڪو مون مان پاڻي پيئندو، سو هرڻ ٿِي پوندو.“ هن هڪدم دانهن ڪري جهليس، پر هو اڳيئي پاڻي پِي ويو، ۽ هڪدم هرڻ ٿي پيو. ڇوڪري هن کي ڀاڪر پائي روئڻ لڳي، ۽ هرڻ جي اکين مان بہ پاڻي ڪِرڻ لڳو.

پوءِ ڇوڪري پنهنجي چوٽيءَ تان هڪڙي پٽي لاهي هرڻ جي ڳچيءَ ۾ ٻڌي ڇڏي ۽ هِتان هُتان سائو گاهہ، ڪَک ۽ ڪانهن پٽي، انهن مان رسي وٽي انهيءَ پٽي ۾ ڪٽي ٻڌائين. انهيءَ لاءِ تہ رسيءَ کان وٺي هن کي پاڻ سان هلائيندي وتي.

پوءِ هو نڪري گهاٽي ٻيلي ۾ پيا. اتي هڪڙو ڦٽل پَٽ ڏسي، ڪکَ گڏ ڪري، ڇوڪريءَ پنهنجي ۽ هرڻ لاءِ هنڌ ناهيو. اتي ئي هنن پنهنجو ٽڪاڻو ڪيو. ڏهاڙي صبح جو هوءَ وڃي جهنگلي ٻاڙون، ٻير ۽ ٻيا ميوا چونڊي ايندي هئي، جي پاڻ کائيندي هئي، ۽ هرڻ کي سائو گاهہ آڻي کارائيندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. انهيءَ طرح پنهنجي پيٽ جي هٿان ڪائي خوش پيو گذاريندو هو.

رات جو جڏهن اها ڇوڪري ڪائي پي سمهڻ جي ڪندي هئي، تڏهن پهريائين خدا کان دعا گهري، پوءِ هرڻ جي پٺيءَ تي متو رکي سمهي پوندي هئي. پر هميشه اها ڳڻتي هوندي هيس ته جي منهنجو پاءُ پنهنجي اصلوڪيءَ شڪل ۾ هجي ها ته اسين ڪهڙو نه خوش گذاريون ها!

انهيءَ طرح هي پاءُ ۽ پيڻ ڪيترا ڏينهن انهيءَ ٻيليءَ ۾ رهندا آيا. ڇوڪري به وڏي خوبصورت جوان زال ٿي پيئي، ۽ هرڻ به اڳي فقط ٻَنڙو هو، سو هاڻ وڏو سهڻو هرڻ ٿي پيو. هڪڙي ڏينهن انهيءَ ملڪ جو بادشاهه، وڏي ڌنبلي سان انهيءَ ٻيلي ۾ شڪار ڪرڻ آيو. انهيءَ جو هُل ۽ ڪتن جي ڀوُنڪ پري کان ٻڌڻ ۾ پئي آئي.

هرڻ ڀيڻ کي چيو ته "ادي، مون کي ڇوڙي ڇڏ ته آئون وڃي تماشو ڏسان." هن نٿي ڇڏيس، پر هرڻ ڏاڍو زور ڪيس. تڏهن هن موڪل ڏنيس، مگر چيائينس ته "جنهن لڪل پونگيءَ ۾ پاڻ رهون ٿا، تنهن جو در آئون بند ڪري ٿي ڇڏيان ته متان ڪي شڪاري گهڙي نه اچن. شام جو جڏهن تون گهمي ڦري اچين، تڏهن اچي در کڙڪائجانئين ۽ چئجئين ته "ادي، در پٽ ته اندر لنگهان." ته پوءِ آئون

سمجهنديس تہ تون آيو آهين.“

پوءِ هو ٽپا ڏيندو ٻيلي ۾ ويو. نيٺ بادشاهہ ۽ ٻين شڪارين هن کي ڏسي ورتو ۽ پٺيان پيس، پر هن کي پڄي نہ سگهيا. هو سندن نظر کان نڪري گم ٿي ويو. اونداهي ٿيڻ تي هئي، تنهنڪري هرڻ اچي گهران نڪتو ۽ در تي اچي چيائين تہ ”ادي، در پٽ تہ اندر لنگهان.“ ڀيڻ هڪدم در پٽيو ۽ هو اندر وڃي پنهنجي ڀيڻ سان گڏ، نرم وڇاڻي تي سمهي پيو.

باب ڇهون

بادشاهہ جي محلات ۾

ٻئي ڏينهن صبح جو وري شڪاري ٻيلي ۾ آيا. انهن جون هڪلون ٻڌي هرڻ وري بہ پنهنجي ڀيڻ کي چيو تہ ”مون کي ڇوڙي ڇڏ.“ هن وري بہ ڇوڙي ڇڏيس، ۽ پنهنجي پونگيءَ جو در بند ڪري ڇڏيائين، ۽ سمجهائي ڇڏيائينس تہ وري بہ اچي اُئين چوي تہ هوءَ در پٽيندي.

سگهوئي شڪارين پٺيءَ واري هرڻ کي ڏٺو ۽ بادشاهہ کي ڏيکاريائون. هو انهيءَ جي پٺيان پيا، پرسارو ڏينهن هرڻ هٿ نہ اچي سگهين. مگر پري کان ڪمان جو تير هن کي

پير ۾ لڳو ۽ اتي تورو زخم ٿي پيس. هو منڊڪائيندو رت وهائيندو، شام جو گهر آيو.

هڪڙو شڪاري لڪي هن جي پنيان لڳو آيو. هن لڪي بيهي ڏٺو ۽ ٻڌو ته هرڻ در کڙڪائي چيو ته ”ادي، در پٽ ته اندر لنگهان.“ ۽ پوءِ در پٽيو ۽ هو اندر لنگهي ويو. شڪاري موٽي ويو ۽ وڃي بادشاهه کي اها ڳالهه ٻُڌايائين، جو عجب ۾ پئجي ويو. چيائين ته ”سڀاڻي اسين انهيءَ هرڻ جي پنيان لڳي سندس پتو لهنداسين.“

ويچاري پيٽ هرڻ جو ڦٽيل پير ڏسي ڏاڍو غمگين ٿي. ڦٽ ڌوئي صاف ڪري، ڪي جهنگ جون ٻوٽيون انهيءَ تي رکي پٽي ٻڌي ڇڏيائينس. پوءِ ٻيئي سمهي پيا. صبح جو زخم بهتر ڏسڻ ۾ آيو ۽ هرڻ چڱيءَ طرح هلي ڊوڙي سگهيو ٿي، تنهنڪري جڏهن وري به شڪارين جو هل ٻڌائين، وري به اوڏي وڃڻ لاءِ رسي تاڻڻ لڳو.

پيٽس گهڻوئي سمجهايس ته ”تون ڪالهه زخمي ٿيو آهين، متان اڄ توکي ماري وجهن.“ پر هن چيو ته ”ادي، دلجاءِ ڪجئين، شڪاري مون کي پُڄي ڪين سگهندا، جو منهنجو پير بلڪل چڱي ويو آهي.“ تڏهن پيٽس لاچار ٿي ڇوڙي ڇڏيس، ۽ نچندو ٽپندو ڇالون ڏيندو هو ٻيلي ۾ گهڙي پيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگھوئي بادشاھہ ڏسي ورتس ۽ پنھنجن شڪارين کي چيائين تہ "انھيءَ ھرڻ جي پنيان پئو، پر ڪو ايذاءُ نہ رسايوس." ھو سارو ڏينھن ھن جي پنيان پئي ڊوڙيا، پر پڪڙي نہ سگھيس. سج لٿي ڏاري بادشاھہ انھيءَ شڪاري کي پاڻ وٽ سڏيو، جنھن اڳئين ڏينھن ھرڻ جي جاءِ ڏني ھئي ۽ چيائينس تہ "اسان کي وٺي انھيءَ ھنڌ ھل."

جڏھن سيئي انھيءَ ڀُونگيءَ وٽ آيا، تڏھن بادشاھہ وجي در کڙڪائي آھستي چيو تہ "ادي، در پٽ تہ آئون اندر لنگھان." ايتري چوڻ تي در پٽجي پيو ۽ بادشاھہ لنگھي اندر ٿيو. ڏسي تہ ھڪڙي نھايت خوبصورت جوان زال ويٺي آھي، جا ھرڻ جي بدران بادشاھہ کي ڏسي ڊجي ويئي. پر بادشاھہ دلاسو ڏئي چيس تہ "مون سان گڏجي محلات ۾ ھلندينءَ؟"

چوڪريءَ چيو تہ "ھائو، آئون خوشيءَ سان ھلنديس، مگر آئون پنھنجي ھرڻ کان سواءِ نہ ھلنديس." بادشاھہ چيو تہ "چڱو ڀلي اھو بہ ھلي، انھيءَ جي بہ اتي چڱي سنڀال ٿيندي." اجا ھنن پئي ڳالھايو تہ ھرڻ بہ آيو، جنھن کي ڀيٽس ٻڌي ڇڏيو. پوءِ بادشاھہ انھيءَ چوڪريءَ کي گھوڙي تي چاڙھي، پنھنجي محلات ۾ وٺي آيو، ۽ ھرڻ سندن پاسن کان ڊوڙندو آيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگھوئي پوءِ بادشاھہ انھيءَ جوان زال سان شادي ڪئي. ملڪ ۾ چوڌاري خوشيون ٿي ويون. بادشاھہ ۽ راڻي انھيءَ ڪان پوءِ خوش گذارڻ لڳا، ۽ ھرڻ جي تمام چڱي سنڀال پئي ڪيائون، ۽ اھو محلات جي باغن ۽ گاھن وارن پٽن تي پئي گھميو ڦريو.

ھاڻ جڏھن ڏائڻ انھيءَ جي پاءُ کي ڦيرائي ھرڻ ڪيو ھو، تنھن جي سمجھہ ۾ ھو تہ ھن جي پيڻ کي جھنگ ۾ مرن ماري وڌو ھوندو، تنھن جو ھاڻ ٻڌو تہ ھو ٻيئي پاءُ پيڻ پاڻ ۾ خوش پيا گذارين ۽ سُکيا وينا آھن، سو ڏاڍو ڪاوڙي، ۽ ارادو ڪيائين تہ ڪنھن تجويز سان ھنن کي نقصان رسائي.

انھيءَ ڏائڻ جي ھڪڙي بدشڪل ڌيءَ ھوندي ھئي. سا ماءُ کي چوڻ لڳي تہ "ھن ڇوڪريءَ جي بدران جي آئون راڻي ٿيان ھا تہ چڱو ھوا" ۽ ماءُ کان مدد گھرڻ لڳي. ماڻس چيو تہ "چڱو، جڏھن پورو وقت ايندو، تڏھن تون راڻي ٿيندين ءِ! نيٺ ھڪڙي ڏينھن ھو ٻيئي محلات ۾ آيون. انھيءَ وقت بادشاھہ شڪار تي ويل ھو. راڻيءَ کي ننڍڙو پُٽ بہ ڄائو ھو. ڏائڻ پاڻ کي ڦيرائي دائي ڪري اچي راڻيءَ وٽ نوڪرياڻي ٿي.

سگھوئي پوءِ پنھنجي ڌيءَ بہ پاڻ سان اندر آندائين.

هنن تجويز ڪري راڻيءَ کي وهنجڻ جي جاءِ ۾ بند ڪري ٻوساٽي مارڻ جي ڪوشش ڪئي. پوءِ پنهنجي ڌيءَ جي راڻي جي شڪل ڪري، انهيءَ کي راڻيءَ جا ڪي ڪپڙا ڍڪائي، انهيءَ جي جاءِ تي راڻي ڪري ويهاريائين. جڏهن بادشاهہ شڪار ڪري موٽي آيو، تڏهن پڇرين تہ ڪوبہ سماءُ ڪونہ پيس.

ڏائڻ بادشاهہ کي چيو تہ "راڻي بيمار آهي، تنهنڪري گهڻو ڳالهائي ڪين ٿي." انهيءَ ڪري بادشاهہ راڻيءَ کي ڳالهائڻ لاءِ هلاڪ نہ ڪيو. ڏائڻ کي پڪ هئي تہ سچي راڻي مري ويندي، ۽ سندس ڌيءَ بادشاهہ جي راڻي ٿيندي، پر سچي راڻي مٿا مونا هاڻي وهنجڻ جي جاءِ مان نڪري محلات جي ٻئي پاسي واريءَ جاءِ ۾ آئي، جتي سندس ٻار پالبو هو ۽ هرڻ بہ رهندو هو.

رات جو جڏهن سڀ سمهي رهيا، تڏهن ٻار جي دائيءَ ڏٺو تہ سچي راڻي جاءِ ۾ اچي ٻار جي پينگهي وٽ بيٺي، ۽ پوءِ ٻار کي ڪٽي پيار ڏئي کير پياري، وري پنهنجي جاءِ تي سمهاري، مٿانئس ڪپڙو وجهي ويئي. پوءِ ڪنڊ ۾ هرڻ وٽ وڃي انهيءَ جا پُنا ٿپي هلي ويئي.

ٻيءَ رات بہ دائيءَ ساڳيو حال ڏٺو. تڏهن وڃي بادشاهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي اها ڳالهه ٻڌايائين، جو سمجهي نه سگهيو ته انهيءَ جو مطلب ڇا آهي. ڏائڻ ته هن کي اڳيئي ٻڌايو هو ته راڻي بيمار آهي ۽ هلڻ ته خير، پر ڳالهائڻ جهڙي به نه آهي. بادشاهه دل ۾ ويچار ڪيو ته ”ٻه راڻيون ته ڪين هونديون، هڪڙي سمهڻ واريءَ جاءِ ۾ ۽ ٻي ٻار جي پالڻ واريءَ جاءِ ۾! بهتر آهي ته رات جو جاڳي اها جانچ ڪريان.“

ٻيءَ رات سچي راڻي اڌ رات ڌاري ٻار واريءَ جاءِ ۾ آئي، ۽ ٻار کي کڻي چميون ڏيئي کير پياري، ڪپڙا صفا ڪري وري سمهاري ويس، ۽ پوءِ هرڻ کي به پيار ڪري، هٿ گهمائي هلي ويئي. بادشاهه هڪدم سهي ڪيو ته سندس سچي زال اِها آهي، پر في الحال ڪچيائين ڪين. آهستي وڃي پاڪر وڌائينس ۽ چيائينس ته ”تون ته منهنجي پياري زال ۽ راڻي آهين؟“

تڏهن راڻيءَ ساري ڳالهه ڪري ٻڌايس ته انهيءَ ڏائڻ ڪهڙي حرڪت ڪئي هئي. انهيءَ تي بادشاهه ڏاڍو ڪاوڙيو. ڏائڻ ۽ سندس ڌيءُ کي گهرائي قتل ڪرائي ڇڏيائين ۽ ڏيڍس کي جهنگ ۾ اڇلائي ڇڏيائين ته پلي مرون کائينس.

اجا ڏائڻ جي لاش سڙي رک مس ٿي ته سندس وڌل جادو بي اثر ٿي پيو، ۽ ڪيل طلسم ڀڃي پيو. هرڻ هڪدم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦري ماڻهو ٿي پيو. پوءِ هو پنهنجي پيءُ سان ۽ بادشاهہ سان ورهين جا ورهيہ خوش پيو گذاريندو هو.

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر ميان الله بچائي يوسف رئي ڇپيو، ۽ امداد حسيني سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گل ڦل

سنڌي ادبي بورڊ جو ماهوار ٻارن جو رسالو

ٻارن لاءِ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ادب پيدا ڪرڻ جو فرض - ان ٻوليءَ ۾ جيڪا اسان کي بيحد پياري آهي، جنهن جي دائمي زندگيءَ ۾ اسان کي پورو يقين آهي، جنهن جي روشن مستقبل جي ضمانت لئي پٽي وري به اسان جا اهي ٻارڙئي آهن - هڪ اهڙو فرض آهي، جنهن جي اهميت جو احساس اسان مان جنهن کي جيترو هجي اوترو بهتر.

سنڌي ادبي بورڊ، مٿين ڳالهين خيال ۾ رکي، سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ ماهوار رسالو "گل ڦل" جاري ڪيو آهي. رسالي ۾ معلوماتي مضمون، نصيحت آموز آکاڻيون، وندرائيندڙ شعر، پروليون، ٽوٽڪا، سوال جواب ۽ ٻيو ڪارآمد مواد، تصويرن سان سينگاري وڌو وڃي ٿو. هر پرچو سراسري ٻاهتر صفحن جو ٿيئي ٿو. رسالي جي وڌندڙ مقبوليت ڏيکاري ٿي ته رسالو ٻارن کي پسند پيو آهي، ۽ ان جو مستقبل نهايت اميد افزا ۽ شاندار آهي.

رسالي جو ساليانو چندو پنجاهه رپيا آهي، في ڪاپي قيمت پنج رپيا اٿس. اسڪولن جي حالت ۾ ڏهه يا ان کان مٿي ڪاپيون گڏ گهرائيندڙ کي ٽيٽيهه سيڪڙو رعايت پڻ ڏجي ٿي ۽ ٽپال خرچ پڻ وصول نه ڪيو وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاڙُو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ڪي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪِڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ ٻڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book